

أدعية النبي

صَلَّى ٱللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

جمعها

الشيخ العلامة عبد المحسن العباد البدر

رئيس الجامعة الإسلامية بالمدينة سابقًا

والمدرس بالمسجد النبوي الشريف

حفظه الله



أدعية النبي

صلى الله عليه وسلم

جمعها

الشيخ العلامة عبد المحسن العباد البدر

رئيس الجامعة الإسلامية بالمدينة سابقًا

والمدرس بالمسجد النبوي الشريف

حفظه الله



أدعيةٌ نبويةٌ صحيحةٌ ثابتةٌ في الصحيحين وغيرهما من كتب السنة مأخوذةٌ من كتاب «تبصير الناسك بأحكام المناسك»

للشيخ المحدّث عبد المحسن العبّاد البدر

المدرس بالمسجد النبوي الشريف.

16/09/2018

5 محرم الحرام 1440 هـ



١- «اللَّهُمَّ أَنْتَ رَبِّي لَا إِلَهَ إِلَّا أَنتَ، خَلَقْتَنِي وَأَنَا عَبْدُكَ، وَأَنَا عَلَى عَهْدِكَ وَوَعْدِكَ مَا اسْتَطَعْتُ، أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا صَنَعْتُ، أَبُوءُ لَكَ بِنِعْمَتِكَ عَلَيَّ، وَأَبُوءُ بِذَنْبِي فَاغْفِرْ لِي فَإِنَّهُ لَا يَغْفِرُ الذُّنُوبَ إِلَّا أَنْتَ»(١).

٢- «اللَّهُمَّ إِنِّي ظَلَمْتُ نَفْسِي ظُلْمًا كَثِيرًا، وَلَا يَغْفِرُ الذُّنُوبَ إِلَّا أَنْتَ، فَاغْفِرْ لِي مَغْفِرَةً مِنْ عِنْدِكَ وَارْحَمْنِي إِنَّكَ أَنْتَ الْغَفُورُ الرَّحِيمُ»(٢).

٣- «رَبِّ اغْفِرْ لِي خَطِيئَتِي وَجَهْلِي وَإِسْرَافِي فِي أَمْرِي كُلِّهِ وَمَا أَنْتَ أَعْلَمُ بِهِ مِنِّي، اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي خَطَايَايَ وَعَمْدِي وَجَهْلِي وَهَزْلِي، وَكُلُّ ذَلِكَ عِنْدِي، اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي مَا قَدَّمْتُ وَمَا أَخَّرْتُ وَمَا أَسْرَرْتُ وَمَا أَعْلَنْتُ أَنْتَ الْمُقَدِّمُ وَأَنْتَ الْمُؤَخِّرُ وَأَنْتَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ»(٣).

٤- «اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي ذَنْبِي كُلَّهُ، دِقَّهُ، وَجِلَّهُ، وَأَوَّلَهُ، وَآخِرَهُ، وَعَلَانِيَتَهُ، وَسِرَّهُ»(٤).

---

(١) رواه البخاري (٦٣٠٦) عن شداد بن أوس رضي الله عنه وقد وصف النبي صلى الله عليه وسلم هذا الدعاء بأنه سيد الاستغفار.

(٢) رواه البخاري (٨٣٤) ومسلم (٦٨٦٩) عن أبي بكر رضي الله عنه

(٣) رواه البخاري (٦٣٩٨) ومسلم (٦٩٠١) عن أبي موسى رضي الله عنه

(٤) رواه مسلم (١٠٨٤) عن أبي هريرة رضي الله عنه

٥- «اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْهَمِّ وَالْحَزَنِ وَالْعَجْزِ وَالْكَسَلِ وَالْجُبْنِ وَالْبُخْلِ وَضَلَعِ الدَّيْنِ وَغَلَبَةِ الرِّجَالِ»(١).

٦- «اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْبُخْلِ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنَ الْجُبْنِ، وَأَعُوذُ بِكَ أَنْ أُرَدَّ إِلَى أَرْذَلِ الْعُمُرِ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ فِتْنَةِ الدُّنْيَا، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ»(٢).

٧- «اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْكَسَلِ وَالْهَرَمِ وَالْمَأْثَمِ وَالْمَغْرَمِ، وَمِنْ فِتْنَةِ الْقَبْرِ وَعَذَابِ الْقَبْرِ، وَمِنْ فِتْنَةِ النَّارِ وَعَذَابِ النَّارِ، وَمِنْ شَرِّ فِتْنَةِ الْغِنَى، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ فِتْنَةِ الْفَقْرِ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ فِتْنَةِ الْمَسِيحِ الدَّجَّالِ، اللَّهُمَّ اغْسِلْ عَنِّي خَطَايَايَ بِمَاءِ الثَّلْجِ وَالْبَرَدِ، وَنَقِّ قَلْبِي مِنَ الْخَطَايَا كَمَا نَقَّيْتَ الثَّوْبَ الْأَبْيَضَ مِنَ الدَّنَسِ، وَبَاعِدْ بَيْنِي وَبَيْنَ خَطَايَايَ كَمَا بَاعَدْتَ بَيْنَ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ»(٣).

٨- «اللَّهُمَّ رَبَّ السَّمَوَاتِ وَرَبَّ الْأَرْضِ وَرَبَّ الْعَرْشِ الْعَظِيمِ، رَبَّنَا وَرَبَّ كُلِّ شَيْءٍ، فَالِقَ الْحَبِّ وَالنَّوَى وَمُنْزِلَ التَّوْرَاةِ وَالْإِنْجِيلِ وَالْفُرْقَانِ، أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ كُلِّ شَيْءٍ أَنْتَ آخِذٌ بِنَاصِيَتِهِ، اللَّهُمَّ أَنْتَ الْأَوَّلُ فَلَيْسَ قَبْلَكَ شَيْءٌ، وَأَنْتَ الْآخِرُ فَلَيْسَ بَعْدَكَ شَيْءٌ، وَأَنْتَ الظَّاهِرُ فَلَيْسَ فَوْقَكَ شَيْءٌ، وَأَنْتَ الْبَاطِنُ فَلَيْسَ دُونَكَ شَيْءٌ، اقْضِ عَنَّا الدَّيْنَ وَأَغْنِنَا مِنَ الْفَقْرِ»(٤).


---

(١) رواه البخاري (٦٣٦٩) عن أنس رَضِيَ ٱللَّهُ عَنْهُ

(٢) رواه البخاري (٦٣٦٥) عن سعد بن أبي وقاص رَضِيَ ٱللَّهُ عَنْهُ

(٣) رواه البخاري (٦٣٦٨) ومسلم (٦٨٧١) عن عائشة رَضِيَ ٱللَّهُ عَنْهَا

(٤) رواه مسلم (٦٨٨٩) عن أبي هريرة رَضِيَ ٱللَّهُ عَنْهُ



٩- «اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا عَمِلْتُ وَمِنْ شَرِّ مَا لَمْ أَعْمَلْ»(١).

١٠- «اللَّهُمَّ أَصْلِحْ لِي دِينِي الَّذِي هُوَ عِصْمَةُ أَمْرِي، وَأَصْلِحْ لِي دُنْيَايَ الَّتِي فِيهَا مَعَاشِي، وَأَصْلِحْ لِي آخِرَتِي الَّتِي فِيهَا مَعَادِي وَاجْعَلِ الْحَيَاةَ زِيَادَةً لِي فِي كُلِّ خَيْرٍ، وَاجْعَلِ الْمَوْتَ رَاحَةً لِي مِنْ كُلِّ شَرٍّ»(٢).

١١- «اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ الْهُدَى وَالتُّقَى وَالْعَفَافَ وَالْغِنَى»(٣).

١٢- «اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْعَجْزِ وَالْكَسَلِ، وَالْجُبْنِ وَالْبُخْلِ، وَالْهَرَمِ وَعَذَابِ الْقَبْرِ، اللَّهُمَّ آتِ نَفْسِي تَقْوَاهَا وَزَكِّهَا أَنْتَ خَيْرُ مَنْ زَكَّاهَا، أَنْتَ وَلِيُّهَا وَمَوْلَاهَا، اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ عِلْمٍ لَا يَنْفَعُ، وَمِنْ قَلْبٍ لَا يَخْشَعُ، وَمِنْ نَفْسٍ لَا تَشْبَعُ، وَمِنْ دَعْوَةٍ لَا يُسْتَجَابُ لَهَا»(٤).

١٣- «اللَّهُمَّ لَكَ أَسْلَمْتُ وَبِكَ آمَنْتُ، وَعَلَيْكَ تَوَكَّلْتُ وَإِلَيْكَ أَنَبْتُ وَبِكَ خَاصَمْتُ، اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِعِزَّتِكَ لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ أَنْ تُضِلَّنِي، أَنْتَ الْحَيُّ الَّذِي لَا يَمُوتُ وَالْجِنُّ وَالْإِنْسُ يَمُوتُونَ»(٥).

١٤- «اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ زَوَالِ نِعْمَتِكَ وَتَحَوُّلِ عَافِيَتِكَ وَفُجَاءَةِ نِقْمَتِكَ وَجَمِيعِ سَخَطِكَ»(٦).

---

(١) رواه مسلم (٦٨٩٥) عن عائشة رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا
(٢) رواه مسلم (٦٩٠٣) عن أبي هريرة رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ
(٣) رواه مسلم (٦٩٠٤) عن ابن مسعود رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ
(٤) رواه مسلم (٦٩٠٦) عن زيد بن أرقم رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ
(٥) رواه البخاري (٧٣٨٣) مسلم (٦٨٩٩) عن ابن عباس رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُمَا
(٦) رواه مسلم (٦٩٤٣) عن ابن عمر رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُمَا

١٥- «اللَّهُمَّ مُصَرِّفَ الْقُلُوبِ صَرِّفْ قُلُوبَنا عَلَى طَاعَتِكَ»[١].

١٦- «اللَّهُمَّ رَبَّ جِبْرَائِيلَ وَمِيكَائِيلَ وَإِسْرَافِيلَ، فَاطِرَ السَّمَوَاتِ وَالأَرْضِ، عَالِمَ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ، أَنْتَ تَحْكُمُ بَيْنَ عِبَادِكَ فِيمَا كَانُوا فِيهِ يَخْتَلِفُونَ، اهْدِنِي لِمَا اخْتُلِفَ فِيهِ مِنَ الْحَقِّ بِإِذْنِكَ، إِنَّكَ تَهْدِي مَنْ تَشَاءُ إِلَى صِرَاطٍ مُسْتَقِيمٍ»[٢].

١٧- «اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِرِضَاكَ مِنْ سَخَطِكَ، وَبِمُعَافَاتِكَ مِنْ عُقُوبَتِكَ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْكَ، لا أُحْصِي ثَنَاءً عَلَيْكَ، أَنْتَ كَمَا أَثْنَيْتَ عَلَى نَفْسِكَ»[٣].

١٨- «اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ جَهْدِ الْبَلَاءِ وَدَرَكِ الشَّقَاءِ وَسُوءِ الْقَضَاءِ وَشَمَاتَةِ الأَعْدَاءِ»[٤].

١٩- «اللَّهُمَّ اجْعَلْ لِي فِي قَلْبِي نُورًا، وَفِي لِسَانِي نُورًا، وَفِي سَمْعِي نُورًا، وَفِي بَصَرِي نُورًا، وَمِنْ فَوْقِي نُورًا، وَمِنْ تَحْتِي نُورًا، وَعَنْ يَمِينِي نُورًا، وَعَنْ شِمَالِي نُورًا، وَمِنْ بَيْنِ يَدَيَّ نُورًا، وَمِنْ خَلْفِي نُورًا، وَاجْعَلْ فِي نَفْسِي نُورًا، وَأَعْظِمْ لِي نُورًا»[٥].

---

(١) رواه مسلم (٦٧٥٠) عن عبد الله بن عمرو رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا

(٢) رواه مسلم (١٨١١) عن عائشة رَضِيَ اللهُ عَنْهَا

(٣) رواه مسلم (١٠٩٠) عن عائشة رَضِيَ اللهُ عَنْهَا

(٤) رواه البخاري (٦٣٤٧) ومسلم (٦٨٧٧) عن أبي هريرة رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ولفظه «كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَتَعَوَّذُ مِنْ ...».

(٥) رواه البخاري (٦٣١٦) ومسلم (١٧٩٧) عن ابن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ

٢٠- «اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ مِنَ الْخَيْرِ كُلِّهِ عَاجِلِهِ وَآجِلِهِ مَا عَلِمْتُ مِنْهُ وَمَا لَمْ أَعْلَمْ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنَ الشَّرِّ كُلِّهِ عَاجِلِهِ وَآجِلِهِ مَا عَلِمْتُ مِنْهُ وَمَا لَمْ أَعْلَمْ، اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ مِنْ خَيْرِ مَا سَأَلَكَ عَبْدُكَ وَنَبِيُّكَ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا عَاذَ بِهِ عَبْدُكَ وَنَبِيُّكَ، اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ الْجَنَّةَ وَمَا قَرَّبَ إِلَيْهَا مِنْ قَوْلٍ أَوْ عَمَلٍ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنَ النَّارِ وَمَا قَرَّبَ إِلَيْهَا مِنْ قَوْلٍ أَوْ عَمَلٍ وَأَسْأَلُكَ أَنْ تَجْعَلَ كُلَّ قَضَاءٍ قَضَيْتَهُ لِي خَيْرًا»[١].

٢١- «اللَّهُمَّ بِعِلْمِكَ الْغَيْبَ وَقُدْرَتِكَ عَلَى الْخَلْقِ أَحْيِنِي مَا عَلِمْتَ الْحَيَاةَ خَيْرًا لِي، وَتَوَفَّنِي إِذَا عَلِمْتَ الْوَفَاةَ خَيْرًا لِي، اللَّهُمَّ وَأَسْأَلُكَ خَشْيَتَكَ فِي الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ، وَأَسْأَلُكَ كَلِمَةَ الْحَقِّ فِي الرِّضَا وَالْغَضَبِ، وَأَسْأَلُكَ الْقَصْدَ فِي الْفَقْرِ وَالْغِنَى، وَأَسْأَلُكَ نَعِيمًا لا يَنْفَدُ، وَأَسْأَلُكَ قُرَّةَ عَيْنٍ لا تَنْقَطِعُ، وَأَسْأَلُكَ الرِّضَاءَ بَعْدَ الْقَضَاءِ، وَأَسْأَلُكَ بَرْدَ الْعَيْشِ بَعْدَ الْمَوْتِ، وَأَسْأَلُكَ لَذَّةَ النَّظَرِ إِلَى وَجْهِكَ وَالشَّوْقَ إِلَى لِقَائِكَ فِي غَيْرِ ضَرَّاءَ مُضِرَّةٍ وَلا فِتْنَةٍ مُضِلَّةٍ، اللَّهُمَّ زَيِّنَّا بِزِينَةِ الْإِيمَانِ، وَاجْعَلْنَا هُدَاةً مُهْتَدِينَ»[٢].

٢٢- «اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ الْعَفْوَ وَالْعَافِيَةَ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ، اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ الْعَفْوَ وَالْعَافِيَةَ فِي دِينِي وَدُنْيَايَ وَأَهْلِي وَمَالِي، اللَّهُمَّ اسْتُرْ عَوْرَاتِي وَآمِنْ رَوْعَاتِي، وَاحْفَظْنِي مِنْ بَيْنِ يَدَيَّ وَمِنْ خَلْفِي وَعَنْ يَمِينِي وَعَنْ شِمَالِي وَمِنْ فَوْقِي، وَأَعُوذُ بِعَظَمَتِكَ أَنْ أُغْتَالَ مِنْ تَحْتِي»[٣].

---

(١) رواه ابن ماجه (٣٨٤٦) بإسناد صحيح عن عائشة، انظر «السِّلسلة الصَّحيحة» للألباني (١٥٤٢).

(٢) رواه النَّسائي (١٣٠٥) بإسناد حسن عن عمار بن ياسر رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ

(٣) رواه أبو داود (٥٠٧٤) وغيره بإسناد صحيح عن ابن عمر رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُمَا

٢٣- «اللَّهُمَّ عَالِمَ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ، فَاطِرَ السَّمَوَاتِ وَالأَرْضِ، رَبَّ كُلِّ شَيْءٍ وَمَلِيكَهُ، أَشْهَدُ أَنْ لا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ، أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ نَفْسِي وَشَرِّ الشَّيْطَانِ وَشِرْكِهِ»(١).

٢٤- «اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ الثَّبَاتَ فِي الأَمْرِ، وَالْعَزِيمَةَ عَلَى الرُّشْدِ، وَأَسْأَلُكَ مُوجِبَاتِ رَحْمَتِكَ، وَعَزَائِمَ مَغْفِرَتِكَ، وَأَسْأَلُكَ شُكْرَ نِعْمَتِكَ، وَحُسْنَ عِبَادَتِكَ، وَأَسْأَلُكَ قَلْبًا سَلِيمًا، وَلِسَانًا صَادِقًا، وَأَسْأَلُكَ مِنْ خَيْرِ مَا تَعْلَمُ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا تَعْلَمُ، وَأَسْتَغْفِرُكَ لِمَا تَعْلَمُ، إِنَّكَ أَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوبِ»(٢).

٢٥- «اللَّهُمَّ اكْفِنِي بِحَلالِكَ عَنْ حَرَامِكَ وَأَغْنِنِي بِفَضْلِكَ عَمَّنْ سِوَاكَ»(٣).

٢٦- «اللَّهُمَّ عَافِنِي فِي بَدَنِي، اللَّهُمَّ عَافِنِي فِي سَمْعِي، اللَّهُمَّ عَافِنِي فِي بَصَرِي، لا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ، اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْكُفْرِ وَالْفَقْرِ، اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ، لا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ»(٤).

٢٧- «رَبِّ أَعِنِّي وَلا تُعِنْ عَلَيَّ، وَانْصُرْنِي وَلا تَنْصُرْ عَلَيَّ، وَامْكُرْ لِي وَلا تَمْكُرْ عَلَيَّ، وَاهْدِنِي وَيَسِّرِ الْهُدَى لِي، وَانْصُرْنِي عَلَى مَنْ بَغَى عَلَيَّ، رَبِّ اجْعَلْنِي لَكَ شَكَّارًا، لَكَ ذَكَّارًا، لَكَ رَهَّابًا، لَكَ مِطْوَاعًا، لَكَ مُخْبِتًا إِلَيْكَ أَوَّاهًا مُنِيبًا، رَبِّ تَقَبَّلْ تَوْبَتِي وَاغْسِلْ حَوْبَتِي وَأَجِبْ دَعْوَتِي وَثَبِّتْ حُجَّتِي وَسَدِّدْ لِسَانِي وَاهْدِ قَلْبِي وَاسْلُلْ سَخِيمَةَ صَدْرِي»(٥).

---

(١) رواه الترمذي (٣٣٩٢) وغيره بإسناد صحيح عن أبي هريرة رضي الله عنه

(٢) رواه الطبراني في «الكبير» (٧١٣٥) عن شداد بن أوس بإسناد حسن وانظر «السلسلة الصَّحيحة» للألباني (٣٢٢٨).

(٣) رواه الترمذي (٣٥٦٣) بإسناد حسن عن علي وانظر «السلسلة الصَّحيحة» للألباني (٢٦٦).

(٤) رواه أبو داود (٥٠٩٠) بإسناد حسن عن أبي بكرة

(٥) رواه الترمذي (٣٥٥١) وغيره بإسناد صحيح عن ابن عباس رضي الله عنهما

٢٨- «اللَّهُمَّ لَكَ الْحَمْدُ كُلُّهُ، اللَّهُمَّ لا قَابِضَ لِمَا بَسَطْتَ، وَلا بَاسِطَ لِمَا قَبَضْتَ، وَلا هَادِيَ لِمَا أَضْلَلْتَ، وَلا مُضِلَّ لِمَنْ هَدَيْتَ، وَلا مُعْطِيَ لِمَا مَنَعْتَ، وَلا مَانِعَ لِمَا أَعْطَيْتَ، وَلا مُقَرِّبَ لِمَا بَاعَدْتَ، وَلا مُبَاعِدَ لِمَا قَرَّبْتَ، اللَّهُمَّ ابْسُطْ عَلَيْنَا مِنْ بَرَكَاتِكَ وَرَحْمَتِكَ وَفَضْلِكَ وَرِزْقِكَ، اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ النَّعِيمَ الْمُقِيمَ الَّذِي لا يَحُولُ وَلا يَزُولُ، اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ النَّعِيمَ يَوْمَ الْعَيْلَةِ، وَالأَمْنَ يَوْمَ الْخَوْفِ، اللَّهُمَّ إِنِّي عَائِذٌ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا أَعْطَيْتَنَا وَشَرِّ مَا مَنَعْتَ، اللَّهُمَّ حَبِّبْ إِلَيْنَا الإِيمَانَ وَزَيِّنْهُ فِي قُلُوبِنَا، وَكَرِّهْ إِلَيْنَا الْكُفْرَ وَالْفُسُوقَ وَالْعِصْيَانَ، وَاجْعَلْنَا مِنَ الرَّاشِدِينَ، اللَّهُمَّ تَوَفَّنَا مُسْلِمِينَ، وَأَحْيِنَا مُسْلِمِينَ، وَأَلْحِقْنَا بِالصَّالِحِينَ غَيْرَ خَزَايَا وَلا مَفْتُونِينَ، اللَّهُمَّ قَاتِلِ الْكَفَرَةَ الَّذِينَ يُكَذِّبُونَ رُسُلَكَ، وَيَصُدُّونَ عَنْ سَبِيلِكَ، وَاجْعَلْ عَلَيْهِمْ رِجْزَكَ وَعَذَابَكَ، اللَّهُمَّ قَاتِلِ الْكَفَرَةَ الَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ إِلَهَ الْحَقِّ»(١).

٢٩- «اللَّهُمَّ صَلِّ عَلَى مُحَمَّدٍ وَعَلَى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلَى إِبْرَاهِيمَ وَعَلَى آلِ إِبْرَاهِيمَ، إِنَّكَ حَمِيدٌ مَجِيدٌ، اللَّهُمَّ بَارِكْ عَلَى مُحَمَّدٍ وَعَلَى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلَى إِبْرَاهِيمَ وَعَلَى آلِ إِبْرَاهِيمَ إِنَّكَ حَمِيدٌ مَجِيدٌ»(٢).



(١) رواه الإمام أحمد (١٥٤٩٢) عن رفاعة الزرقي بإسناد صحيح.

(٢) رواه البخاري (٣٣٧٠) ومسلم (٩٠٨) عن كعب بن عُجرة رَضِيَ اللهُ عَنْهُ

بسم الله الرحمن الرحيم

1. اللهمَّ أنت ربّي لا إله إلا أنت، خلقتني وأنا عبدُك، وأنا على عهدِك ووعدِك ما استطعتُ، اعوذُ بك من شرّ ما صنعتُ، أبوءُ لك بنعمتك عليّ، وأبوءُ بذنبي فاغفر لي فإنّه لا يغفر الذنوب إلّا انت.

2. اللهمّ إنّي ظلمتُ نفسي ظلمًا كثيرًا، ولا يغفر الذنوب إلّا انت، فاغفرْ لي مغفرةً من عندك وارحمني إنّك انت الغفورُ الرحيمُ.

3. ربِّ اغفرْ لي خطيئتي وجهلي وإسرافي في امري كلِّ وما انت اعلمُ به منّي، اللهمّ اغفرْ لي خطاياي وعمدي وجهلي وهزلي، وكلُّ ذلك عندي، اللهمّ اغفرْ لي ما قدّمتُ وما اخّرتُ وما اسررْتُ وما اعلنتُ انت المقدّمُ وانت المؤخرُ وانت على كلِّ شيءٍ قديرٌ.

4. اللهمّ اغفرْ لي ذنبي كلّه، دِقه، وجِلّه، واوّله، وآخره، وعلانيته، وسرّه.

بسم الله الرحمن الرحيم

1. منهنجا الله تون منهنجو پالڻهار آهين تو کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي، تو مونکي خلقيو آهي ۽ آءٌ تنهنجو ٻانهون آهيان، ۽ آءٌ پنهنجي سگھہ آهر تنهنجي عهد (ميثاق) ۽ واعدي تي آهيان، تنهنجي پناه ٿو گهران اهو شر جيڪو مون کان ٿيو آهي، آءٌ مڃان ٿو تنهنجون نعمتون (پلايون ۽ پال) جيڪي مونتي آهن، ۽ مڃان ٿو پنهنجا ڏوھہ پوءِ مونکي بخش ڪر بيشڪ تو کان سواءِ ڪو ڏوھہ بخشيندڙ ڪونهي.

2. منهنجا الله بيشڪ مون پنهنجو پاڻ تي تمام گهڻا ظلم ڪيا آهن، ۽ توکان سواءِ ڪو ڏوھہ بخشيندڙ نہ آهي، پوءِ پنهنجي بخشش منجهان تون مون کي بخش ڪر ۽ مون تي ٻاجھہ ڪر بيشڪ تون بخشيندڙ ۽ ٻاجهارو آهين.

3. اي پالڻهار منهنجي سيني ڪمن ۾ جيڪي مون کان خطائون ٿيون اڻ ڄاڻائي ۽ بي ڏيانيءَ ۾ سي تون سڀ ڄاڻين ٿو سي مون کي بخش ڪر. منهنجا الله مونکي منهنجون خطائون جيڪي ڄاڻي واڻي ڪيم ۽ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ۽ يوڳن يا چرچن ۾ ڪيم، ۽ اهي سڀ جيڪي مون کان ٿيون سي بخش ڪر. منهنجا الله مونکي بخش ڪر جيڪي مون اڳتي موڪليو ۽ جيڪي مون پوئتي ڇڏيو ۽ جيڪي لڪائي ڪيم ۽ جيڪي اعلانيہ (وڏي واڪي) ڪيم، تون ئي اڳتي ڪندڙ بہ آهين، ۽ پوئتي ڇڏيندڙ بہ تون آهين. تون هر شيءِ تي سگھہ وارو آهين.

4. منهنجا الله منهنجا سڀ ڏوھہ، سنها ۽ ٿلها (هلڪا ۽ ڳرا، ننڍا ۽ وڏا) ۽ اڳيان ۽ پويان ۽ اعلانيہ ۽ ڳجها، مونکي بخش ڪر.

5. اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْهَمِّ وَالْحَزَنِ وَالْعَجْزِ وَالْكَسَلِ وَالْجُبْنِ وَالْبُخْلِ وَضَلَعِ الدَّيْنِ وَغَلَبَةِ الرِّجَالِ.

6. اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْبُخْلِ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنَ الْجُبْنِ، وَأَعُوذُ بِكَ أَنْ أُرَدَّ إِلَى أَرْذَلِ الْعُمُرِ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ فِتْنَةِ الدُّنْيَا، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ.

7. اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْكَسَلِ وَالْهَرَمِ وَالْمَأْثَمِ وَالْمَغْرَمِ، وَمِنْ فِتْنَةِ الْقَبْرِ وَعَذَابِ الْقَبْرِ، وَمِنْ فِتْنَةِ النَّارِ وَعَذَابِ النَّارِ، وَمِنْ شَرِّ فِتْنَةِ الْغِنَى، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ فِتْنَةِ الْفَقْرِ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ فِتْنَةِ الْمَسِيحِ الدَّجَّالِ، اللَّهُمَّ اغْسِلْ عَنِّي خَطَايَايَ بِمَاءِ الثَّلْجِ وَالْبَرَدِ، وَنَقِّ قَلْبِي مِنَ الْخَطَايَا كَمَا نَقَّيْتَ الثَّوْبَ الْأَبْيَضَ مِنَ الدَّنَسِ، وَبَاعِدْ بَيْنِي وَبَيْنَ خَطَايَايَ كَمَا بَاعَدْتَ بَيْنَ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ.

8. اللَّهُمَّ رَبَّ السَّمَوَاتِ وَرَبَّ الْأَرْضِ وَرَبَّ الْعَرْشِ الْعَظِيمِ، رَبَّنَا وَرَبَّ كُلِّ شَيْءٍ، فَالِقَ الْحَبِّ وَالنَّوَى وَمُنْزِلَ التَّوْرَاةِ وَالْإِنْجِيلِ وَالْفُرْقَانِ، أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ كُلِّ شَيْءٍ أَنْتَ آخِذٌ بِنَاصِيَتِهِ، اللَّهُمَّ أَنْتَ الْأَوَّلُ فَلَيْسَ قَبْلَكَ شَيْءٌ، وَأَنْتَ الْآخِرُ فَلَيْسَ بَعْدَكَ شَيْءٌ، وَأَنْتَ الظَّاهِرُ فَلَيْسَ فَوْقَكَ شَيْءٌ، وَأَنْتَ الْبَاطِنُ فَلَيْسَ دُونَكَ شَيْءٌ، اقْضِ عَنَّا الدَّيْنَ وَأَغْنِنَا مِنَ الْفَقْرِ.

5. منهنجا الله آءٌ ڏک ۽ ڳڻتي ۽ هيڻائي ۽ بي همتيءَ ۽ ڏڃٽيپڻ ۽ ڪنجوسيءَ ۽ قرض جي بار ۽ ماڻهن جي چڙهائيءَ کان تنهنجي پناهه ٿو گهران.

6. منهنجا الله ڪنجوسيءَ کان تنهنجي پناهه ٿو گهران، ۽ ڏڃٽيپڻ کان تنهنجي پناهه ٿو گهران، ۽ انتهائي ڪمزوريءَ واري عمر ڏانهن موٽ کان تنهنجي پناهه ٿو گهران، ۽ دنيا جي فتنن کان تنهنجي پناهه ٿو گهران، ۽ قبر جي عذاب کان تنهنجي پناهه ٿو گهران.

7. منهنجا الله آءٌ بي همتيءَ کان، ۽ وڏي عمر جي ڪمزوريءَ کان، ۽ گناهگاريءَ کان، ۽ چيهي ٽوٽي کان، ۽ قبر جي فتني ۽ قبر جي عذاب کان، ۽ باهه جي فتني کان ۽ جهنم جي عذاب کان، ۽ بي پرواهيءَ جي فتني کان تنهنجي پناهه ٿو گهران، ۽ غربت جي فتني کان تنهنجي پناهه ٿو گهران، مسيح دجال جي فتني کان تنهنجي پناهه ٿو گهران، منهنجا الله منهنجي خطائن کي برف ۽ ٿڌي پاڻيءَ سان ڌوءُ، ۽ منهنجي دل کي خطائن کان بچاءِ جيئن بچائين ٿو اڇي ڪپڙي کي ميراڻ گند کان، منهنجي ۽ منهنجي خطائن جي وچ ۾ وِيڇو ڪر جيئن اوڀر ۽ اولهه جي وچ ۾ ويڇو ڪيو اٿئي.

8. منهنجا الله آسمانن ۽ زمين جا پالڻهار ۽ عرش عظيم جا پالڻهار، اسان جا پالڻهار ۽ هر شيءِ جا پالڻهار، داڻي ۽ ٻج کي ڦٽائيندڙ، ۽ تورات ۽ انجيل ۽ فرقان (قرآن) کي لاهيندڙ تنهنجي پناهه ٿو گهران هر شيءِ جي شر کان جنهن جي واڳ تنهنجي هٿ ۾ آهي، منهنجا الله سڀ کان پهريائين تون آهين پوءِ ڪابه شيءِ تو کان اڳ نه آهي، ۽ سڀ کان آخر تون آهين ۽ توکان پوءِ ڪابه شيءِ ڪانهي، تون چٽو آهين ۽ تو کان مٿاهين ڪابه شيءِ ڪانهي، تون ئي ڳجهو آهين ۽ توکان سواءِ ڪابه شيءِ ڪانهي، اسان جو قرض لاهه ۽ اسان کي غربت کان بي پرواهه ڪر.

9. اللّٰهمّ إِنّي اعوذُ بكَ مِنْ شرِّ ما عمِلتُ ومِنْ شرِّ ما لمْ اعمَلْ .

10. اللّٰهمّ اصْلِحْ لِي دِيْنِي الّذِي هوَ عِصمةُ أمْرِي، وأصْلِحْ لِي دُنْيايَ الّتِي فِيها معاشِي، واصْلِحْ لِي آخِرتِي الّتِي فِيها معادِي، واجْعَلِ الحَياةَ زيادةً لِي فِي كلِّ خيْرٍ، واجْعلِ المْوْتَ راحةً لِي مِنْ كلِّ شرٍّ .

11. اللّٰهمّ إِنّي اسْألكَ الهُدى والتُّقى والعَفافَ والغِنى.

12. اللّٰهمّ إِنّي اعُوذُ بكَ مِنَ العجْزِ والكسَلِ، والجُبْنِ والبُخْلِ، والهرَمِ وعذابِ القبْرِ، اللّٰهمّ آتِ نفْسِي تقْواها وزكِّها انْتَ خيْرُ منْ زكَّاها ، انْتَ ولِيُّها ومَوْلاها ، اللّٰهمّ إِنّي اعُوذُ بكَ مِنْ عِلمٍ لا ينْفعُ، ومِنْ قلْبٍ لا يخْشعُ، ومِنْ نفْسٍ لا تشْبعُ، ومِنْ دعْوةٍ لا يسْتجابُ لها .

13. اللّٰهمّ لكَ اسْلمْتُ وبِكَ آمنْتُ، وعليْكَ توكّلْتُ وإِليْكَ انبْتُ وبِكَ خاصمْتُ، اللّٰهمّ إِنّي اعُوذُ بِعِزّتِكَ لا إِلهَ إِلّا انْتَ انْ تُضِلّنِي، انْتَ الحَيُّ الّذِي لا يمُوتُ والجِنُّ والإِنْسُ يمُوتُونَ .

14. اللّٰهمّ إِنّي اعُوذُ بكَ مِنْ زوالِ نِعْمتِكَ وتحوُّلِ عافِيتِكَ وفُجاءةِ نِقْمتِكَ وجمِيعِ سخطِكَ .

9. منهنجا الله ان شر کان، جيڪو مون ڪم ڪيو ۽ ان ڪم جي شر کان جيڪو مون نہ ڪيو، تو کان پناهہ ٿو گهران.

10. منهنجا الله، منهنجو دين سڌار جيڪو منهنجي ڪمن جو بچاءُ آهي، ۽ منهنجي دنيا سڌار جنهن ۾ منهنجو گذران آهي، ۽ منهنجي آخرت سڌار جتي منهنجو هميشہ رهڻ آهي، ۽ منهنجي حياتي وڌي ڪر جنهن ۾ سڀ خير هجي، ۽ موت کي منهنجي لاءِ هر شر کان راحت وارو ڪر.

11. منهنجا الله آءٌ توکان هدايت، ۽ پرهيزگاري ۽ پاڪائي ۽ (ٻين جي محتاجيءَ کان) بي پرواهي گهران ٿو.

12. منهنجا الله آءٌ هيڻائي ۽ بي همتي، ۽ ڊڄڻپڻ، ۽ ڪنجوسيءَ ۽ وڏي عمر ۽ قبر جي عذاب کان تنهنجي پناهہ ٿو گهران. منهنجا الله منهنجي جيءَ کي پرهيزگاري ڏي ۽ ڪيس پاڪ ڪر جو تون ئي ڪيس پلو پاڪ ڪندڙ آهين، تون ان جو ڌڻي آهين ۽ تون ئي سندس سائين آهين، منهنجا الله بي فائدي علم کان، ۽ ان دل کان جنهن ۾ ڊپ نہ هجي، ۽ ان جيءَ کان جنهن کي ڍئو نہ ٿئي ۽ ان دعا کان جيڪا قبول نہ پوي، تو کان پناهہ ٿو گهران.

نه ڍاپندڙ جيءَ کان

نه اگهائجندڙ دعا کان

13. منهنجا الله تو ڏانهن سڌو ٿيان ٿو، ۽ توتي ايمان آڻيان ٿو، ۽ توتي ڀروسو ڪيان ٿو، توڏي ئي موٽان ٿو، ۽ تنهنجي ئي مددسان ئي ڪامياب ٿيان ٿو. منهنجا الله تو کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي ان کان جو تون مون کي بي راهہ ڪرين تنهنجي عزت جي پناهہ ٿو گهران. تون اهو جيئرو آهين جنهن کي موت ڪونهي ۽ جن ۽ انسان تہ مرن ٿا.

تنهنجي

14. منهنجا الله تنهنجي نعمتن ۾ گهٽتائي کان ۽ تنهنجي ڀلائيءَ ۾ رڪاوٽ کان ۽ تنهنجي اوچتي وٺ پڪڙ کان ۽ تنهنجي هر ڪاوڙ کان تنهنجي پناهہ ٿو گهران.

15. اللَّهمَّ مُصَرِّفَ القُلُوبِ صَرِّفْ قُلُوبَنَا عَلَى طَاعَتِكَ .

16. اللَّهمَّ رَبَّ جَبْرَائِيلَ وَمِيكَائِيلَ وَإِسْرَافِيلَ، فَاطِرَ السَّمَوَاتِ وَالأَرْضِ، عَالِمَ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ، انْتَ تَحْكُمُ بَيْنَ عِبَادِكَ فِيمَا كَانُوا فِيهِ يَخْتَلِفُونَ، اهْدِنِي لِمَا اخْتُلِفَ فِيهِ مِنَ الْحَقِّ بِإِذْنِكَ، إِنَّكَ تَهْدِي مَنْ تَشَاءُ إِلَى صِرَاطٍ مُسْتَقِيمٍ .

17. اللَّهمَّ إِنِّي اَعُوذُ بِرِضَاكَ مِنْ سَخَطِكَ، وَبِمُعَافَاتِكَ مِنْ عُقُوبَتِكَ، وَاَعُوذُ بِكَ مِنْكَ، لَا اُحْصِي ثَنَاءً عَلَيْكَ، انْتَ كَمَا اَثْنَيْتَ عَلَى نَفْسِكَ .

18. اللَّهمَّ إِنِّي اَعُوذُ بِكَ مِنْ جَهْدِ الْبَلَاءِ وَدَرَكِ الشَّقَاءِ وَسُوءِ الْقَضَاءِ وَشَمَاتَةِ الْاَعْدَاءِ .

19. اللَّهمَّ اجْعَلْ لِي فِي قَلْبِي نُورًا، وَفِي لِسَانِي نُورًا، وَفِي سَمْعِي نُورًا، وَفِي بَصَرِي نُورًا، وَمِنْ فَوْقِي نُورًا، وَمِنْ تَحْتِي نُورًا، وَعَنْ يَمِينِي نُورًا، وَعَنْ شِمَالِي نُورًا، وَمِنْ بَيْنِ يَدَيَّ نُورًا، وَمِنْ خَلْفِي نُورًا، وَاجْعَلْ فِي نَفْسِي نُورًا، وَاعْظِمْ لِي نُورًا .

15. منهنجا الله دلين جا حاڪم اسان جي دلين کي تنهنجي اطاعت تي لڳاءِ.

16. منهنجا الله جبرائيل ۽ ميڪائيل ۽ اسرافيل جا پالڻهار، آسمانن ۽ زمين جا جوڙيندڙ، ڳجهه جا ڄاڻندڙ ۽ ڏسندڙ، تون ئي پنهنجي ٻانهن جي وچ ۾ فيصلا ڪرين ٿو جنهن تي هو اختلاف ڪن ٿا. جنهن ڳالهه تي اختلاف ٿئي ٿو تنهن تي حق سان تنهنجي حڪم سان اسان کي هدايت ڏي. بيشڪ جنهن کي تون گهرين تنهن کي سڌي رستي جي هدايت ڏئين ٿو.

17. منهنجا الله آءٌ تنهنجي ڪاوڙ کان تنهنجي رضا جي، ۽ تنهنجي وٺ پڪڙ کان تنهنجي معافيءَ جي پناهه ٿو گهران. ۽ تنهنجي ئي توکان پناهه ٿو گهران. آءٌ تنهنجي ساراهه جي سگهه نٿو ساري سگهان، بس جيئن تون پنهنجي پاڻ ساراهه ڪرين توکي جڳائي.

18. منهنجا الله آءٌ تنهنجي پناهه ٿو گهران مصيبتن جي پريشانيءَ کان، ۽ نياڳ جي گهيري کان، ۽ بڇڙي قضا کان ۽ ان بڇڙائيءَ کان جو دشمن کلن خوش ٿين.

19. منهنجا الله منهنجي لاءِ منهنجي دل ۾ نور (سوجهرو) پير، ۽ منهنجي ڄڀ ۾ نور پير، ۽ منهنجي ڪنن ۾ نور پير، ۽ منهنجي اکين ۾ نور پير، ۽ منهنجي مٿان نور ڪر، ۽ منهنجي هيٺان نور ڪر، ۽ منهنجي ساڄي نور ڪر، ۽ منهنجي کاٻي نور ڪر، منهنجي اڳيان نور ڪر، ۽ منهنجي پٺيان نور ڪر، منهنجي جيءَ ۾ نور ڪر، ۽ منهنجي لاءِ نور وڌو ڪر.

20. اللهم إني اسالك من الخير كله عاجله وآجله ما علمت منه وما لم اعلم، واعوذ بك من الشر كله عاجله وآجله ما علمت منه وما لم اعلم،
اللهم إني اسالك من خير ما سالك عبدك ونبيّك، واعوذ بك من شرّ ما عاذ به عبدك ونبيّك، اللهم إني اسالك الجنة وما قرّب إليها من قول او عمل، واعوذ بك من النار وما قرّب إليها من قول او عمل واسالك ان تجعل كلّ قضاء قضيته لي خيرًا .

20. منهنجا الله هر تڪڙوءِ دير وارو خير، جيڪو ڄاڻان ٿو ۽ جيڪو نٿوڄاڻان، آءٌ توکان گهران ٿو. ۽ سڀ ڪنهن تڪڙي ۽ دير واري شر کان جيڪو آءٌ ڄاڻان ٿو ۽ جيڪونٿو ڄاڻان، آءٌ تنهنجي پناهہ ٿو گهران. منهنجا الله توکان آءٌ هرخير جوسوالي آهيان جيڪو تنهنجي ٻانهي ۽ تنهنجي نبي ﷺ توکان گهريو. ۽ تنهنجي پناهہ ٿو گهران هر شر کان جنهن جي تنهنجي ٻانهي ۽ تنهنجي نبيءَ ﷺ تو کان پناهہ گهري. منهنجا الله آءٌ توکان جنت ۽ ان جي ويجهڙائپ قول يا عمل سان گهران ٿو، ۽ باهہ کان ۽ ان جي ويجهڙائپ کان قول يا عمل سان تنهنجي پناهہ ٿو گهران. ۽ توکان هر ٽيٽي، جنهن ۾ تو مون لاءِ خير رکيو آهي، تو کان گهران ٿو.

21. اللهم بعلمك الغيب وقدرتك على الخلق احيني ما علمت الحياة خيرًا لي، وتوفني إذا علمت الوفاة خيرًا لي، اللهم واسالك خشيتك في الغيب والشهادة، واسالك كلمة الحقّ في الرّضا والغضب، واسالك القصد في الفقر والغنى، واسالك نعيمًا لا ينفد، واسالك قرّة عين لا تنقطع، واسالك الرّضاء بعد القضاء، واسالك برد العيش بعد الموت، واسالك لذّة النظر إلى وجهك والشّوق إلى لقائك في غير ضرّاء مضرّة ولا فتنة مضلّة، اللهم زيّنا بزينة الايمان، واجعلنا هداة مهتدين .

21. منهنجا الله تنهنجي غيب جي ڄاڻ ۽ تنهنجي خلقت تي تنهنجي سگهہ سان مون کي تنهنجي علم مطابق جيئرو رک جيستائين منهنجي حياتي مون لاءِ خير هجي، ۽ مون کي موت ڏي جو تون ڄاڻين تہ منهنجي وفات منهنجي لاءِ خير هجي. منهنجا الله تو کان ڳجهہ ۾ خشيت ۽ شهادت گهران ٿو. ۽ خوشيءَ ۽ ڪاوڙ ۾ حق جي ڳالهہ چوڻ تو کان گهران ٿو. ۽ توکان غربت ۽ بي پرواهيءَ ۾ وچٿري واٽ گهران ٿو. ۽ توکان ختم نہ ٿيڻ وارين نعمتن جو سوالي آهيان. ۽ اکين جي ٿڌاڻ جا ڪڏهن بہ نہ کٽنجي، تو کان گهران ٿو. ۽ هر ٿئي تي راضي رهڻ تو کان گهران ٿو ۽ توکان موت کان پوءِ خوشيءَ جي ٿڌاڻ گهران ٿو. ۽ اکين کي لذت جيڪا تنهنجي ڏسڻ ۾ ملندي، توکان گهران ٿو. ۽ توسان ملڻ جو اهو شوق ڏي جنهن ۾ نقصان ڇيهو ٽوٽو ۽ ڀٽڪڻ جو فتنو نہ هجي. منهنجا الله اسان کي ايمان جي سينگار سان سنوار، ۽ اسان کي هدايت وارو رهنماءُ ڪر.

22. اللهم إنّي اسالك العفو والعافية في الدّنيا والآخرة، اللهم إنّي اسالك العفو والعافية في ديني ودنياي واهلي ومالي، اللهم استر عوراتي وآمن روعاتي، واحفظني من بين يديّ ومن خلفي وعن يميني وعن شمالي ومن فوقي، واعوذ بعظمتك ان أغتال من تحتي.

22. منهنجا الله تو کان دنيا ۽ آخرت ۾ معافي ۽ ڀلائي گهران ٿو، منهنجا الله تو کان منهنجي دين ۽ منهنجي دنيا ۽ منهنجي ڪٽنب ۽ منهنجي مال ۾ واڌارو ۽ ڀلائي گهران ٿو، منهنجا الله منهنجي اوگهڙ ڍڪجانءِ ۽ مون کي منهنجي خوشيءَ ۾ امن ڏجانءِ، ۽ منهنجي سامهون ۽ منهنجي پويان ۽ منهنجي ساڄي ۽ منهنجي کاٻي ۽ منهنجي مٿان منهنجي حفاظت ڪجانءِ، ۽ منهنجي پيرن هيٺان ڪا تباهي اچي تنهن کان تنهنجي وڏائيءَ جي پناهہ ٿو گهران.

23. اللّٰهُمَّ عَالِمَ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ، فَاطِرَ السَّمٰوَاتِ وَالْاَرْضِ، رَبَّ كُلِّ شَيْءٍ وَمَلِيكَه، اَشْهَدُ اَنْ لَا إِلٰهَ إِلَّا اَنْتَ، اَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ نَفْسِي وَشَرِّ الشَّيْطَانِ وَشِرْكِه.

24. اللّٰهُمَّ إِنِّي أَسْاَلُكَ الثَّبَاتَ فِي الْاَمْرِ، وَالْعَزِيمَةَ عَلَى الرُّشْدِ، وَاسْاَلُكَ مُوجِبَاتِ رَحْمَتِكَ، وَعَزَائِمَ مَغْفِرَتِكَ، وَأَسْاَلُكَ شُكْرَ نِعْمَتِكَ، وَحُسْنَ عِبَادَتِكَ، وَأَسْاَلُكَ قَلْبًا سَلِيمًا، وَلِسَانًا صَادِقًا، وَاسْاَلُكَ مِنْ خَيْرِ مَا تَعْلَمُ، وَاَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا تَعْلَمُ، وَاسْتَغْفِرُكَ لِمَا تَعْلَمُ، إِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوبِ.

25. اللّٰهُمَّ اكْفِنِي بِحَلَالِكَ عَنْ حَرَامِكَ وَاغْنِنِي بِفَضْلِكَ عَمَّنْ سِوَاكَ.

26. اللّٰهُمَّ عَافِنِي فِي بَدَنِي، اللّٰهُمَّ عَافِنِي فِي سَمْعِي، اللّٰهُمَّ عَافِنِي فِي بَصَرِي، لَا إِلٰهَ إِلَّا اَنْتَ، اللّٰهُمَّ إِنِّي اَعُوذُ بِكَ مِنَ الْكُفْرِ وَالْفَقْرِ، اللّٰهُمَّ إِنِّي اَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ، لَا إِلٰهَ إِلَّا اَنْتَ.

27. رَبِّ اَعِنِّي وَلَا تُعِنْ عَلَيَّ، وَانْصُرْنِي وَلَا تَنْصُرْ عَلَيَّ، وَامْكُرْ لِي وَلَا تَمْكُرْ عَلَيَّ، وَاهْدِنِي وَيَسِّرِ الْهُدٰى لِي، وَانْصُرْنِي عَلَى مَنْ بَغٰى عَلَيَّ، رَبِّ اجْعَلْنِي لَكَ شَكَّارًا، لَكَ ذَكَّارًا، لَكَ رَهَابًا، لَكَ مِطْوَاعًا، لَكَ مُخْبِتًا اِلَيْكَ اَوَّاهًا مُنِيبًا، رَبِّ تَقَبَّلْ تَوْبَتِي وَاغْسِلْ حَوْبَتِي وَاَجِبْ دَعْوَتِي وَثَبِّتْ حُجَّتِي وَسَدِّدْ لِسَانِي وَاهْدِ قَلْبِي وَاسْلُلْ سَخِيمَةَ صَدْرِي.

23. منهنجا الله ڳُجهہ ڄاڻندڙ ۽ ڏسندڙ، آسمانن ۽ زمين جا جوڙيندڙ، سڀ ڪنهن شيءِ جا پالڻهار ۽ ان جا مالڪ، آءٌ شاهدي ٿو ڏيان تہ تو کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي، آءٌ منهنجي جيءَ جي شر کان ۽ شيطان جي شر ۽ ان جي شرڪ کان تنهنجي پناهہ ٿو گهران.

24. منهنجا الله آءٌ تو کان هر ڪم جي سڌي ٿيڻ ، ۽ سڌي رستي تي بلنديءَ جو سوالي آهيان، ۽ تنهنجي ٻاجهہ جي قبول ٿيڻ ، ۽ تنهنجي بخشش جو سوالي آهيان ۽ تو کان تنهنجي نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ جو ، ۽ تنهنجي سهڻي عبادت ڪرڻ جو سوالي آهيان، ۽ سڌيءَ دل جو، ۽ سچيءَ زبان جو تو کان سوالي آهيان، ۽ هر خير جو تون ڄاڻين ٿو تو کان گهران ٿو. ۽ تو کان هر شر کان جو تون ڄاڻين ٿو تنهنجي پناهہ ٿو گهران. تو کان تنهنجي بخشش گهران ٿو ان جي جيڪي تون ڄاڻين ٿو. بيشڪ تون ڳجهہ ڄاڻندڙ آهين.

25. منهنجا الله منهنجي تنهنجي حلال سان پورت ڪر تنهنجي حرام ڪيل کان بچاءِ. ۽ پنهنجي فضل سان مون کي تنهنجي سواءِ ٻين کان بي پرواهہ ڪر. (يعني ٻين جو محتاج نہ ڪر).

26. منهنجا الله منهنجي بدن کي سڌوصاف ڪر، منهنجا الله منهنجي ٻُڌڻ کي صحيح ڪر، منهنجا الله منهنجي اکين ۾ درستگي ڪر، تو کان سواءِ ٻيو ڪوبہ اله ڪونهي، منهنجا الله توکان ڪفر ۽ فقر کان تنهنجي پناهہ ٿو گهران، منهنجا الله تو کان پناهہ ٿو گهران قبر جي عذاب کان، تو کان سواءِ ٻيو ڪوبہ اله ڪونهي.

27. منهنجا پالڻهار منهنجي مدد ڪر ۽ مون تي ڪنهن کي مدد نہ ڏي، ۽ مونکي ڪاميابي ڏي، مون تي ڪنهن کي ڪاميابي نہ ڏي، ۽ مون لاءِ رٿا رٿ، مون تي رٿا نہ رٿ، ۽ مون کي هدايت ڏي ۽ منهنجي لاءِ هدايت کي سولو ڪر، ۽ جيڪو مون کان بغاوت ڪري ان تي منهجي مدد ڪر ، اي پالڻهار مونکي تنهنجو شڪر گذار بناءِ، تولاءِ تنهنجو ذڪر ڪندڙ ڏاهو، تو سان محبت ڪندڙ، تنهنجو فرمابردار، تو لاءِ ديوانو توڏانهن روئندڙ ۽ توڏانهن موٽندڙ بناءِ، منهنجا پالڻهار منهنجي توبہ قبول ڪر ۽ منهنجا گناهہ ڌوءُ، منهنجي دعا مڃ، منهنجي حجت کي پورو ڪر، ۽ منهنجي زبان کي سچو ڪر، ۽ منهنجي دل کي هدايت ڏي، ۽ منهنجي سيني جي ڪارٺ (ڪارنهہ) کي ڇڪي ٻاهر ڪڍ.

.28 اللَّهُمَّ لَكَ الْحَمْدُ كُلُّه، اللَّهُمَّ لَا قَابِضَ لِمَا بَسَطْتَ، وَلَا بَاسِطَ لِمَا قَبَضْتَ، وَلَا هَادِيَ لِمَا اضْلَلْتَ، وَلَا مُضِلَّ لِمَنْ هَدَيْتَ، وَلَا مُعْطِيَ لِمَا مَنَعْتَ، وَلَا مَانِعَ لِمَا اعْطَيْتَ، لَا مُقَرِّبَ لِمَا بَاعَدْتَ، وَلَا مُبَاعِدَ لِمَا قَرَّبْتَ، اللَّهُمَّ ابْسُطْ عَلَيْنَا مِنْ بَرَكَاتِكَ وَرَحْمَتِكَ وَفَضْلِكَ وَرِزْقِكَ، اللَّهُمَّ إِنِّي اسْأَلُكَ النَّعِيمَ الْمُقِيمَ الَّذِي لَا يَحُولُ وَلَا يَزُولُ، اللَّهُمَّ إِنِّي اسْأَلُكَ النَّعِيمَ يَوْمَ الْعَيْلَةِ، وَالْأَمْنَ يَوْمَ الْخَوْفِ، اللَّهُمَّ إِنِّي عَائِذٌ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا اعْطَيْتَنَا وَشَرِّ مَا مَنَعْتَ، اللَّهُمَّ حَبِّبْ إِلَيْنَا الْإِيمَانَ وَزَيِّنْهُ فِي قُلُوبِنَا ، وَكَرِّهْ إِلَيْنَا الْكُفْرَ وَالْفُسُوقَ وَالْعِصْيَانَ، وَاجْعَلْنَا مِنَ الرَّاشِدِينَ، اللَّهُمَّ تَوَفَّنَا مُسْلِمِينَ، وَاحْيِنَا مُسْلِمِينَ، وَالْحِقْنَا بِالصَّالِحِينَ غَيْرَ خَزَايَا وَلَا مَفْتُونِينَ، اللَّهُمَّ قَاتِلِ الْكَفَرَةَ الَّذِينَ يُكَذِّبُونَ رُسُلَكَ، وَيَصُدُّونَ عَنْ سَبِيلِكَ، وَاجْعَلْ عَلَيْهِمْ رِجْزَكَ وَعَذَابَكَ، اللَّهُمَّ قَاتِلِ الْكَفَرَةَ الَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ إِلَهَ الْحَقِّ.

.29 اللَّهُمَّ صَلِّ عَلَى مُحَمَّدٍ وَعَلَى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلَى إِبْرَاهِيمَ وَعَلَى آلِ إِبْرَاهِيمَ، إِنَّكَ حَمِيدٌ مَجِيدٌ، اللَّهُمَّ بَارِكْ عَلَى مُحَمَّدٍ وَعَلَى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلَى إِبْرَاهِيمَ وَعَلَى آلِ إِبْرَاهِيمَ إِنَّكَ حَمِيدٌ مَجِيدٌ.

.28 منهنجا الله سڀ واکاڻ تولاءِ آهي، منهنجا الله کوبہ گهٽائيندڙ کونهي جنهن کي تون وڌائين، ۽ نکي کو وڌائيندڙ آهي جنهن کي کي تون گهٽائين، ۽ نکي کو هدايت ڏيڻ وارو جنهن کي تون ڀٽڪائين، ۽ نکي کو ڀٽڪائڻ وارو جنهنکي تون هدايت ڏين، ۽ نکي کو ڏيڻ وارو جنهن کي تون جهلين، نکي کو جهلڻ وارو جنهنکي تون ڏين، نکي کو ويجهو ڪرڻ وارو جنهن کي تون پري ڪرين، نکي کو پري ڪرڻ وارو جنهن کي تون ويجهو ڪرين، منهنجا الله تنهنجي برڪت ۽ تنهنجي رحمت ۽ تنهنجي فضل ۽ تنهنجي رزق مان اسان تي وڏارو ڪر. منهنجا الله تنهنجون قائم نعمتون بنا رڪاوٽ ۽ گهٽ نہ ٿيندڙ توکان گهران ٿو. منهنجا الله غربت جي وقت نعمتون ۽ خوف جي وقت امن توکان گهران ٿو ، منهنجا الله جيڪي ڪجهہ تو اسان کي عطا ڪيو ان جي شر کان ۽ جنهن کان تو جهليو ان شر جي کان آءٌ تنهنجي پناهہ ۾ اچان ٿو. اسان جا الله اسان جي لاءِ ايمان کي پسند ڪر ۽ اسان جي دلين کي ان سان سينگار. ۽ اسان لاءِ ڪفر، گناه ۽ نافرماني ناپسنديده بناء، ۽ اسان کي سڌي رستي تي هلندڙن مان بناءِ، اسان جا الله اسان کي اسلام تي موت ڏي، ۽ اسان کي اسلام تي جيئرو رک، ۽ اسان کي خواري ۽ فتنن ۾ وجهڻ کان سواءِ صالحن سان ملاءِ. منهنجا الله جن ڪفر ڪيو ۽ جن تنهنجي رسولن کي ڪوڙو ڀانيو تن کي مار. ۽ جيڪي تنهنجي رستي کان جهلين ٿا تن تي تنهنجي خرابيءَ جو گند هڻ ۽ انهن تي تنهنجو عذاب موڪل. منهنجا الله جن کي تو سچو ڪتاب ڏنوۚ نہ مڃيائون تن تي مارَ وِجُهہ.

.29 منهنجا الله صلواتون موڪل سيدنا محمد ﷺ تي ۽ آل سيدنا محمد ﷺ تي جيئن تو صلواتون موڪلين ٿو سيدنا ابراهيم ﷺ ۽ آل سيدنا ابراهيم ﷺ تي، بيشڪ تون وڏي ساراهہ وارو آهين، منهنجا الله برڪتون موڪل سيدنا محمد ﷺ ۽ آل سيدنا محمد ﷺ تي جيئن تون برڪتون موڪلين ٿو سيدنا ابراهيم ﷺ ۽ آل سيدنا ابراهيم ﷺ تي، بيشڪ تون وڏيءَ واکاڻ وارو آهين.

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

1. اللَّهُمَّ أَنتَ رَبِّي لَا إِلَهَ إِلَّا أَنتَ،
خَلَقْتَنِي وَأَنَا عَبْدُكَ، وَأَنَا عَلَى عَهْدِكَ
وَوَعْدِكَ مَا اسْتَطَعْتُ، اعُوذُ بِكَ مِنْ
شَرِّ مَا صَنَعْتُ، أَبُوءُ لَكَ بِنِعْمَتِكَ عَلَيَّ،
وَأَبُوءُ بِذَنْبِي فَاغْفِرْ لِي فَإِنَّهُ لَا يَغْفِرُ الذُّنُوبَ
إِلَّا انْتَ.

2. اللَّهُمَّ إِنِّي ظَلَمْتُ نَفْسِي ظُلْمًا كَثِيرًا،
وَلَا يَغْفِرُ الذُّنُوبَ إِلَّا انْتَ، فَاغْفِرْ لِي
مَغْفِرَةً مِنْ عِنْدِكَ وَارْحَمْنِي إِنَّكَ انْتَ
الْغَفُورُ الرَّحِيمُ.

3. رَبِّ اغْفِرْ لِي خَطِيئَتِي وَجَهْلِي
وَإِسْرَافِي فِي امْرِي كُلِّهِ وَمَا انْتَ اعْلَمُ
بِهِ مِنِّي، اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي خَطَايَايَ وَعَمْدِي
وَجَهْلِي وَهَزْلِي، وَكُلُّ ذَلِكَ عِنْدِي، اللَّهُمَّ
اغْفِرْ لِي مَا قَدَّمْتُ وَمَا اخَّرْتُ وَمَا
اَسْرَرْتُ وَمَا اعْلَنْتُ انْتَ الْمُقَدِّمُ وَانْتَ
الْمُؤَخِّرُ وَانْتَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ .

4. اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي ذَنْبِي كُلَّهُ، دِقَّهُ، وَجِلَّهُ،
وَاوَّلَهُ، وَآخِرَهُ، وَعَلَانِيَتَهُ، وَسِرَّهُ .

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

1. منهنجا الله تون منهنجو پالڻهار آهين تو کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي، تو مونکي خلقيو آهي ۽ آءٌ تنهنجو ٻانهون آهيان، ۽ آءٌ پنهنجي سگهہ آهر تنهنجي عهد ۽ واعدي تي آهيان، تنهنجي پناه ٿو گهران ان شر کان جيڪو مون ڪيو آهي، آءٌ مڃان ٿو تنهنجون نعمتون (ڀلايون ۽ ڀال) جيڪي مونتي آهن، ۽ مڃان ٿو پنهنجا ڏوهہ پوءِ مونکي بخش ڪر بيشڪ تو کان سواءِ ڪو ڏوهہ بخشيندڙ ڪونهي.

2. منهنجا الله بيشڪ مون پنهنجو پاڻ تي تمام گهڻا ظلم ڪيا آهن، ۽ توکان سواءِ ڪو ڏوهہ بخشيندڙ نہ آهي، پوءِ پنهنجي بخشش منجهان تون مون کي بخش ڪر ۽ مون تي ٻاجهہ ڪر بيشڪ تون بخشيندڙ ۽ ٻاجهارو آهين.

3. اي پالڻهار منهنجي سيني ڪمن ۾ جيڪي مون کان خطائون ٿيون اڻ ڄاڻائي ۽ حد کان وڌيڪ سي تون سڀ ڄاڻين ٿو سي مون کي بخش ڪر. منهنجا الله مونکي منهنجون خطائون جيڪي ڄاڻي واڻي ڪيم ۽ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ۽ يوڳن يا ڀَرچَنِ ۾ ڪيم، ۽ اهي سڀ مون کان ٿيون سي بخش ڪر. منهنجا الله مونکي بخش ڪر جيڪي مون اڳتي موڪليو ۽ جيڪي مون پوئتي ڇڏيو ۽ جيڪي لڪائي ڪيم ۽ جيڪي وڏي واڪي ڪيم، تون ئي اڳتي وڌائيندڙ آهين، ۽ پوئتي ڇڏيندڙبہ تون آهين. تون هر شيءِ تي سگهہ وارو آهين.

4. منهنجا الله منهنجا سڀ ڏوهہ، سنها ۽ ٿلها (هلڪا ۽ ڳرا، ننڍا ۽ وڏا) ۽ اڳيان ۽ پويان ۽ اعلانيہ ۽ ڳجها، مونکي بخش ڪر.

5. اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْهَمِّ وَالْحَزَنِ وَالْعَجْزِ وَالْكَسَلِ وَالْجُبْنِ وَالْبُخْلِ وَضَلَعِ الدَّيْنِ وَغَلَبَةِ الرِّجَالِ.

5. منهنجا الله آءٌ ڏک ۽ ڳڻتي ۽ هيڻائي ۽ بي همتيءَ ۽ ڊڄڻيپڻ ۽ ڪنجوسيءَ ۽ قرض جي بار ۽ ماڻهن جي چڙهائيءَ کان تنهنجي پناهه ٿو گهران.

6. اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْبُخْلِ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنَ الْجُبْنِ، وَأَعُوذُ بِكَ أَنْ أُرَدَّ إِلَى أَرْذَلِ الْعُمُرِ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ فِتْنَةِ الدُّنْيَا، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ.

6. منهنجا الله ڪنجوسيءَ کان تنهنجي پناهه ٿو گهران، ۽ ڊڄڻيپڻ کان تنهنجي پناهه ٿو گهران، ۽ انتهائي ڪمزوريءَ واري عمر ڏانهن موٽ کان تنهنجي پناهه ٿو گهران، ۽ دنيا جي فتنن کان تنهنجي پناهه ٿو گهران، ۽ قبر جي عذاب کان تنهنجي پناهه ٿو گهران.

7. اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْكَسَلِ وَالْهَرَمِ وَالْمَأْثَمِ وَالْمَغْرَمِ، وَمِنْ فِتْنَةِ الْقَبْرِ وَعَذَابِ الْقَبْرِ، وَمِنْ فِتْنَةِ النَّارِ وَعَذَابِ النَّارِ، وَمِنْ شَرِّ فِتْنَةِ الْغِنَى، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ فِتْنَةِ الْفَقْرِ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ فِتْنَةِ الْمَسِيحِ الدَّجَّالِ، اللَّهُمَّ اغْسِلْ عَنِّي خَطَايَايَ بِمَاءِ الثَّلْجِ وَالْبَرَدِ، وَنَقِّ قَلْبِي مِنَ الْخَطَايَا كَمَا نَقَّيْتَ الثَّوْبَ الْأَبْيَضَ مِنَ الدَّنَسِ، وَبَاعِدْ بَيْنِي وَبَيْنَ خَطَايَايَ كَمَا بَاعَدْتَ بَيْنَ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ.

7. منهنجا الله آءٌ بي همتيءَ کان، ۽ وڏي عمر جي ڪمزوريءَ کان، ۽ گناهگاريءَ کان، ۽ چيهي ٽوٽي کان، ۽ قبر جي فتني ۽ قبر جي عذاب کان، ۽ باهه جي فتني کان ۽ باهه جي عذاب کان، ۽ بي پرواهيءَ جي فتني کان تنهنجي پناهه ٿو گهران، ۽ غربت جي فتني کان تنهنجي پناهه ٿو گهران، مسيح دجال جي فتني کان تنهنجي پناهه ٿو گهران، منهنجا الله منهنجي خطائن کي برف ۽ ٿڌي پاڻيءَ سان ڌوءُ، ۽ منهنجي دل کي خطائن کان بچاءِ جيئن بچائين ٿو اڇي ڪپڙي کي ميراڻ گند کان، منهنجي ۽ منهنجي خطائن جي وچ ۾ وِيڇو ڪر جيئن اوڀر ۽ اولهه جي وچ ۾ ويڇو ڪيو اٿئي.

8. اللَّهُمَّ رَبَّ السَّمَوَاتِ وَرَبَّ الْأَرْضِ وَرَبَّ الْعَرْشِ الْعَظِيمِ، رَبَّنَا وَرَبَّ كُلِّ شَيْءٍ، فَالِقَ الْحَبِّ وَالنَّوَى وَمُنْزِلَ التَّوْرَاةِ وَالْإِنْجِيلِ وَالْفُرْقَانِ، أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ كُلِّ شَيْءٍ أَنْتَ آخِذٌ بِنَاصِيَتِهِ، اللَّهُمَّ أَنْتَ الْأَوَّلُ فَلَيْسَ قَبْلَكَ شَيْءٌ، وَأَنْتَ الْآخِرُ فَلَيْسَ بَعْدَكَ شَيْءٌ، وَأَنْتَ الظَّاهِرُ فَلَيْسَ فَوْقَكَ شَيْءٌ، وَأَنْتَ الْبَاطِنُ فَلَيْسَ دُونَكَ شَيْءٌ، اقْضِ عَنَّا الدَّيْنَ وَأَغْنِنَا مِنَ الْفَقْرِ.

8. منهنجا الله آسمانن جا رب ۽ زمين جا پالڻهار ۽ عرش عظيم جا پالڻهار، اسان جا پالڻهار ۽ هر شيءِ جا پالڻهار، داڻي ۽ ٻج کي ڦٽائيندڙ، ۽ تورات ۽ انجيل ۽ فرقان (قرآن) کي لاهيندڙ، تنهنجي پناهه ٿو گهران هر شيءِ جي شر کان جنهن جي واڳ تنهنجي هٿ ۾ آهي، منهنجا الله سڀ کان پهريائين تون آهين پوءِ ڪابه شيءِ تو کان اڳ نه آهي، ۽ سڀ کان آخر تون آهين ۽ توکان پوءِ ڪابه شيءِ ڪانهي، تون چٽو آهين ۽ تو کان مٿاهين ڪابه شيءِ ڪانهي، تون ئي ڳجهو آهين ۽ توکان سواءِ ڪابه شيءِ ڪانهي، اسان جو قرض لاهه، ۽ اسان کي غربت کان بي پرواهه ڪر.

9. اللَّهُمَّ إِنِّي اَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا عَمِلْتُ وَمِنْ شَرِّ مَا لَمْ اَعْمَلْ.

9. منهنجا الله ان شر کان، جيڪو مون ڪم ڪيو ۽ ان ڪم جي شر کان جيڪو مون نہ ڪيو، تو کان پناھ ٿو گھران.

10. اللَّهُمَّ اَصْلِحْ لِي دِينِي الَّذِي هُوَ عِصْمَةُ اَمْرِي، وَاَصْلِحْ لِي دُنْيَايَ الَّتِي فِيهَا مَعَاشِي، وَاَصْلِحْ لِي آخِرَتِي الَّتِي فِيهَا مَعَادِي، وَاجْعَلِ الْحَيَاةَ زِيَادَةً لِي فِي كُلِّ خَيْرٍ، وَاجْعَلِ الْمَوْتَ رَاحَةً لِي مِنْ كُلِّ شَرٍّ.

10. منهنجا الله منهنجو دينُ سڌار جيڪو منهنجي ڪمن جو بچاءُ آهي، ۽ منهنجي دنيا سڌار جنهن ۾ منهنجو گذران آهي، ۽ منهنجي آخرت سڌار جتي منهنجو هميشه رهڻ آهي، ۽ منهنجي حياتي وڌي ڪر جنهن ۾ سڀ خير هجي، ۽ موت کي منهنجي لاءِ هر شر کان راحت وارو ڪرِ.

11. اللَّهُمَّ إِنِّي اَسْاَلُكَ الْهُدَى وَالتُّقَى وَالْعَفَافَ وَالْغِنَى.

11. منهنجا الله آءٌ تو کان هدايت، ۽ پرهيزگاري ۽ پاڪائي ۽ (ٻين جي محتاجيءَ کان) بي پرواهي گھران ٿو.

12. اللَّهُمَّ إِنِّي اَعُوذُ بِكَ مِنَ الْعَجْزِ وَالْكَسَلِ، وَالْجُبْنِ وَالْبُخْلِ، وَالْهَرَمِ وَعَذَابِ الْقَبْرِ. اللَّهُمَّ آتِ نَفْسِي تَقْوَاهَا وَزَكِّهَا اَنْتَ خَيْرُ مَنْ زَكَّاهَا، اَنْتَ وَلِيُّهَا وَمَوْلَاهَا. اللَّهُمَّ إِنِّي اَعُوذُ بِكَ مِنْ عِلْمٍ لَا يَنْفَعُ، وَمِنْ قَلْبٍ لَا يَخْشَعُ، وَمِنْ نَفْسٍ لَا تَشْبَعُ، وَمِنْ دَعْوَةٍ لَا يُسْتَجَابُ لَهَا.

12. منهنجا الله آءٌ هيڻائي ۽ بي همتي، ۽ ڊڄڻپڻ، ۽ ڪنجوسيءَ ۽ وڏي عمر ۽ قبر جي عذاب کان تنهنجي پناھ ٿو گھران. منهنجا الله منهنجي جيءَ کي پرهيزگاري ڏي ۽ کيس پاڪ ڪر جو تون ئي کيس ڀلو پاڪ ڪندڙ آهين، تون ان جو ڌڻي آهين ۽ تون ئي سندس سائين آهين، منهنجا الله بي فائدي علم کان، ۽ ان دل کان جنهن ۾ ڊپ نہ هجي، ۽ نہ ڍاپندڙ جيءَ کان ۽ نہ اگھائجندڙ دعا کان، تنهنجي پناھ ٿو گھران.

13. اللَّهُمَّ لَكَ اَسْلَمْتُ وَبِكَ آمَنْتُ، وَعَلَيْكَ تَوَكَّلْتُ وَإِلَيْكَ اَنَبْتُ وَبِكَ خَاصَمْتُ، اللَّهُمَّ إِنِّي اَعُوذُ بِعِزَّتِكَ لَا إِلَهَ إِلَّا اَنْتَ اَنْ تُضِلَّنِي، اَنْتَ الْحَيُّ الَّذِي لَا يَمُوتُ وَالْجِنُّ وَالْاِنْسُ يَمُوتُونَ.

13. منهنجا الله تو ڏانهن سڌو ٿيان ٿو، ۽ توتي ايمان آڻيان ٿو، ۽ توتي ڀروسو ڪيان ٿو، توڏي ئي موٽان ٿو، ۽ تنهنجي ئي مددسان ئي ڪامياب ٿيان ٿو. منهنجا الله تو کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي ان کان جو تون مون کي بي راھ ڪرين تنهنجي عزت جي پناھ ٿو گھران. تون اهو جيئرو آهين جنهن کي موت ڪونهي ۽ جن ۽ انسان تہ مرن ٿا.

14. اللَّهُمَّ إِنِّي اَعُوذُ بِكَ مِنْ زَوَالِ نِعْمَتِكَ وَتَحَوُّلِ عَافِيَتِكَ وَفُجَاءَةِ نِقْمَتِكَ وَجَمِيعِ سَخَطِكَ.

14. منهنجا الله تنهنجي نعمتن ۾ گھٽتائي کان ۽ تنهنجي ڀلائيءَ ۾ رڪاوٽ کان ۽ تنهنجي اوچتي وٺ پڪڙ کان ۽ تنهنجي هر ڪاوڙ کان تنهنجي پناھ ٿو گھران.

15. اللَّهُمَّ مُصَرِّفَ الْقُلُوبِ صَرِّفْ قُلُوبَنَا عَلَى طَاعَتِكَ .

16. اللَّهُمَّ رَبَّ جَبْرَائِيلَ وَمِيكَائِيلَ وَإِسْرَافِيلَ، فَاطِرَ السَّمَوَاتِ وَالأَرْضِ، عَالِمَ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ، أَنْتَ تَحْكُمُ بَيْنَ عِبَادِكَ فِيمَا كَانُوا فِيهِ يَخْتَلِفُونَ، اهْدِنِي لِمَا اخْتُلِفَ فِيهِ مِنَ الْحَقِّ بِإِذْنِكَ، إِنَّكَ تَهْدِي مَنْ تَشَاءُ إِلَى صِرَاطٍ مُسْتَقِيمٍ .

17. اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِرِضَاكَ مِنْ سَخَطِكَ، وَبِمُعَافَاتِكَ مِنْ عُقُوبَتِكَ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْكَ، لَا أُحْصِي ثَنَاءً عَلَيْكَ، أَنْتَ كَمَا أَثْنَيْتَ عَلَى نَفْسِكَ.

18. اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ جَهْدِ الْبَلَاءِ وَدَرَكِ الشَّقَاءِ وَسُوءِ الْقَضَاءِ وَشَمَاتَةِ الْأَعْدَاءِ .

19. اللَّهُمَّ اجْعَلْ لِي فِي قَلْبِي نُورًا، وَفِي لِسَانِي نُورًا، وَفِي سَمْعِي نُورًا، وَفِي بَصَرِي نُورًا، وَمِنْ فَوْقِي نُورًا، وَمِنْ تَحْتِي نُورًا، وَعَنْ يَمِينِي نُورًا، وَعَنْ شِمَالِي نُورًا، وَمِنْ بَيْنِ يَدَيَّ نُورًا، وَمِنْ خَلْفِي نُورًا، وَاجْعَلْ فِي نَفْسِي نُورًا، وَأَعْظِمْ لِي نُورًا .

15. منهنجا الله دلين کي ڦيريندڙ اسان جي دلين کي پنهنجي اطاعت ڏانهن ڦيراءِ.

16. منهنجا الله جبرائيل ۽ ميکائيل ۽ اسرافيل جا پالڻهار، آسمانن ۽ زمين جا جوڙيندڙ، ڳجهه جا ڄاڻندڙ ۽ ڏسندڙ، تون ئي پنهنجي ٻانهن جي وچ ۾ فيصلا ڪرين ٿو جن تي هو اختلاف ڪن ٿا. جنهن ڳالهه تي اختلاف ٿئي ٿو تنهن تي حق سان تنهنجي حڪم سان اسان کي هدايت ڏي. بيشڪ جنهن کي تون گهرين تنهن کي سڌي رستي جي هدايت ڏئين ٿو.

17. منهنجا الله آءٌ تنهنجي ڪاوڙ کان تنهنجي رضا جي، ۽ تنهنجي وٽ پڪڙ کان تنهنجي معافيءَ جي پناهه ٿوگهران. ۽ تنهنجي ئي توکان پناهه ٿو گهران. آءٌ تنهنجي ساراهه جي سگهه نٿو ساري سگهان، بس جيئن تون پنهنجي پاڻ ساراهه ڪرين.

18. منهنجا الله آءٌ تنهنجي پناهه ٿو گهران بلائن جي حملي کان، ۽ نياڳ جي گهيري کان، ۽ بڇڙي قضا کان ۽ دشمنن جي کلڻ خوش ٿيڻ کان.

19. منهنجا الله منهنجي لاءِ منهنجي دل ۾ نور (سوجهرو) پر، ۽ منهنجي ڄڀ ۾ نور پر، ۽ منهنجي ڪنن ۾ نور پر، ۽ منهنجي اکين ۾ نور پر، ۽ منهنجي مٿان نور ڪر، ۽ منهنجي هيٺان نور ڪر، ۽ منهنجي ساڄي نور ڪر، ۽ منهنجي ڪاٻي نور ڪر، منهنجي اڳيان نور ڪر، ۽ منهنجي پٺيان نور ڪر، منهنجي جيءَ ۾ نور ڪر، ۽ منهنجي لاءِ نور کي وڏو ڪر.

20. اَللّٰهُمَّ إِنِّي اَسْاَلُكَ مِنَ الْخَيْرِ كُلِّهِ عَاجِلِهِ وَآجِلِهِ مَا عَلِمْتُ مِنْهُ وَمَا لَمْ اَعْلَمْ، وَاَعُوذُ بِكَ مِنَ الشَّرِّ كُلِّهِ عَاجِلِهِ وَآجِلِهِ مَا عَلِمْتُ مِنْهُ وَمَا لَمْ اَعْلَمْ، اَللّٰهُمَّ إِنِّي اَسْاَلُكَ مِنْ خَيْرِ مَا سَاَلَكَ عَبْدُكَ وَنَبِيُّكَ ﷺ، وَاَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا عَاذَ بِهِ عَبْدُكَ وَنَبِيُّكَ ﷺ. اَللّٰهُمَّ إِنِّي اَسْاَلُكَ الْجَنَّةَ وَمَا قَرَّبَ إِلَيْهَا مِنْ قَوْلٍ اَوْ عَمَلٍ، وَاَعُوذُ بِكَ مِنَ النَّارِ وَمَا قَرَّبَ إِلَيْهَا مِنْ قَوْلٍ اَوْ عَمَلٍ وَاَسْاَلُكَ اَنْ تَجْعَلَ كُلَّ قَضَاءٍ قَضَيْتَهُ لِي خَيْرًا .

21. اَللّٰهُمَّ بِعِلْمِكَ الْغَيْبَ وَقُدْرَتِكَ عَلَى الْخَلْقِ اَحْيِنِي مَا عَلِمْتَ الْحَيَاةَ خَيْرًا لِي، وَتَوَفَّنِي إِذَا عَلِمْتَ الْوَفَاةَ خَيْرًا لِي، اَللّٰهُمَّ وَاَسْاَلُكَ خَشْيَتَكَ فِي الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ، وَاَسْاَلُكَ كَلِمَةَ الْحَقِّ فِي الرِّضَا وَالْغَضَبِ، وَاَسْاَلُكَ الْقَصْدَ فِي الْفَقْرِ وَالْغِنَى، وَاَسْاَلُكَ نَعِيمًا لَا يَنْفَدُ، وَاَسْاَلُكَ قُرَّةَ عَيْنٍ لَا تَنْقَطِعُ، وَاَسْاَلُكَ الرِّضَاءَ بَعْدَ الْقَضَاءِ، وَاَسْاَلُكَ بَرْدَ الْعَيْشِ بَعْدَ الْمَوْتِ، وَاَسْاَلُكَ لَذَّةَ النَّظَرِ إِلَى وَجْهِكَ وَالشَّوْقَ إِلَى لِقَائِكَ فِي غَيْرِ ضَرَّاءَ مُضِرَّةٍ وَلَا فِتْنَةٍ مُضِلَّةٍ، اَللّٰهُمَّ زَيِّنَّا بِزِينَةِ الْاِيمَانِ، وَاجْعَلْنَا هُدَاةً مُهْتَدِينَ .

22. اَللّٰهُمَّ إِنِّي اَسْاَلُكَ الْعَفْوَ وَالْعَافِيَةَ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ، اَللّٰهُمَّ إِنِّي اَسْاَلُكَ الْعَفْوَ وَالْعَافِيَةَ فِي دِينِي وَدُنْيَايَ وَاَهْلِي وَمَالِي، اَللّٰهُمَّ اسْتُرْ عَوْرَاتِي وَآمِنْ رَوْعَاتِي، وَاحْفَظْنِي مِنْ بَيْنِ يَدَيَّ وَمِنْ خَلْفِي وَعَنْ يَمِينِي وَعَنْ شِمَالِي وَمِنْ فَوْقِي، وَاَعُوذُ بِعَظَمَتِكَ اَنْ اُغْتَالَ مِنْ تَحْتِي.

20. منهنجا الله هر تڪڙوءِ دير وارو خير، جيڪو ڄاڻان ٿو ۽ جيڪو نٿوڄاڻان، آءٌ توکان گهران ٿو. ۽ سڀ ڪنهن تڪڙي ۽ دير واري شر کان جيڪو آءٌ ڄاڻان ٿو ۽ جيڪونٿو ڄاڻان، آءٌ تنهنجي پناهہ ٿو گهران. منهنجا الله توکان آءٌ هرخير جوسوالي آهيان جيڪو تنهنجي ٻانهي ۽ تنهنجي نبي ﷺ توکان گهريو. ۽ تنهنجي پناهہ ٿو گهران هر شر کان جنهن جي تنهنجي ٻانهي ۽ تنهنجي نبيءَ ﷺ تو کان پناهہ گهري. منهنجا الله آءٌ توکان جنت ۽ ان جي ويجهڙائپ قول يا عمل سان گهران ٿو، ۽ باهہ کان ۽ ان جي ويجهڙائپ کان قول يا عمل سان تنهنجي پناهہ ٿو گهران. ۽ توکان هر ٿيڻي، جنهن ۾ تو مون لاءِ خير رکيو آهي، تو کان گهران ٿو.

21. منهنجا الله تنهنجي غيب جي ڄاڻ ۽ تنهنجي خلقت تي تنهنجي سگهہ سان مون کي تنهنجي علم مطابق جيئرو رک جيستائين منهجي حياتي مون لاءِ خير هجي، ۽ مون کي موت ڏي جو تون ڄاڻين تہ منهنجي وفات منهنجي لاءِ خير هجي. منهنجا الله تو کان ڳجهہ ۾خشيت ۽ شهادت گهران ٿو. ۽ خوشيءَ ۽ ڪاوڙ ۾ حق جي ڳالهہ چوڻ تو کان گهران ٿو. ۽ توکان غربت ۽ بي پرواهيءَ ۾ وچٿري واٽ گهران ٿو. ۽ توکان ختم نہ ٿيڻ وارين نعمتن جو سوالي آهيان. ۽ اکين جي ٺڏاڻ جا ڪڏهن بہ نہ ڪٽجي، تو کان گهران ٿو. ۽ هر ٿئي تي راضي رهڻ تو کان گهران ٿو ۽ توکان موت کان پوءِ خوشيءَ جي ٿڏاڻ گهران ٿو. ۽ اکين کي لذت جيڪا تنهنجي ڏسڻ ۾ ملندي، توکان گهران ٿو. ۽ توسان ملڻ جو اهو شوق ڏي جنهن ۾ نقصان ڇيهو ٽوٽو ۽ ڀٽڪڻ جو فتنو نہ هجي. منهنجا الله اسان کي ايمان جي سينگار سان سنوار، ۽ اسان کي هدايت وارن مان ڪر.

22. منهنجا الله تو کان دنيا ۽ آخرت ۾ معافي ۽ ڀلائي گهران ٿو، منهنجا الله تو کان منهنجي دين ۽ منهنجي دنيا ۽ منهنجي ڪٽنب ۽ منهنجي مال ۾ واڌارو ۽ ڀلائي گهران ٿو، منهنجا الله منهجي اوگهڙ ڍڪجانءِ ۽ مون کي منهنجي خوشيءَ ۾ امن ڏجانءِ، ۽ منهنجي سامهون ۽ منهنجي پويان ۽ منهجي ساڄي ۽ منهنجي کاٻي ۽ منهنجي مٿان منهنجي حفاظت ڪجانءِ، ۽ منهنجي پيرن هيٺان ڪا تباهي اچي تنهن کان تنهنجي وڏائيءَ جي پناهہ ٿو گهران.

23. اللَّهُمَّ عَالِمَ الْغَيْبِ وَالشَّهادَةِ، فَاطِرَ السَّمَوَاتِ وَالْأَرْضِ، رَبَّ كُلِّ شَيْءٍ وَمَلِيكَه، اشْهَدُ انْ لَا إِلَهَ إِلَّا انْتَ، اعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ نَفْسِي وَشَرِّ الشَّيْطَانِ وَشِرْكِه.

24. اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ الثَّبَاتَ فِي الْأَمْرِ، وَالْعَزِيمَةَ عَلَى الرُّشْدِ، وَاسْأَلُكَ مُوجِبَاتِ رَحْمَتِكَ، وَعَزَائِمَ مَغْفِرَتِكَ، وَأَسْأَلُكَ شُكْرَ نِعْمَتِكَ، وَحُسْنَ عِبَادَتِكَ، وَأَسْأَلُكَ قَلْبًا سَلِيمًا، وَلِسَانًا صَادِقًا، وَاسْأَلُكَ مِنْ خَيْرِ مَا تَعْلَمُ، وَاعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا تَعْلَمُ، وَاسْتَغْفِرُكَ لِمَا تَعْلَمُ، إِنَّكَ انْتَ عَلَّامُ الْغُيُوبِ.

25. اللَّهُمَّ اكْفِنِي بِحَلَالِكَ عَنْ حَرَامِكَ وَاغْنِنِي بِفَضْلِكَ عَمَّنْ سِوَاكَ.

26. اللَّهُمَّ عَافِنِي فِي بَدَنِي، اللَّهُمَّ عَافِنِي فِي سَمْعِي، اللَّهُمَّ عَافِنِي فِي بَصَرِي، لَا إِلَهَ إِلَّا انْتَ، اللَّهُمَّ إِنِّي اعُوذُ بِكَ مِنَ الْكُفْرِ وَالْفَقْرِ، اللَّهُمَّ إِنِّي اعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ، لَا إِلَهَ إِلَّا انْتَ.

27. رَبِّ اعِنِّي وَلَا تُعِنْ عَلَيَّ، وَانْصُرْنِي وَلَا تَنْصُرْ عَلَيَّ، وَامْكُرْ لِي وَلَا تَمْكُرْ عَلَيَّ، وَاهْدِنِي وَيَسِّرِ الْهُدَى لِي، وَانْصُرْنِي عَلَى مَنْ بَغَى عَلَيَّ، رَبِّ اجْعَلْنِي لَكَ شَكَّارًا، لَكَ ذَكَّارًا، لَكَ رَهَابًا، لَكَ مِطْوَاعًا، لَكَ مُخْبِتًا إِلَيْكَ اوَّاهًا مُنِيبًا، رَبِّ تَقَبَّلْ تَوْبَتِي وَاغْسِلْ حَوْبَتِي وَاَجِبْ دَعْوَتِي وَثَبِّتْ حُجَّتِي وَسَدِّدْ لِسَانِي وَاهْدِ قَلْبِي وَاسْلُلْ سَخِيمَةَ صَدْرِي.

23. منهنجا الله ڳجھ ڄاڻندڙ ۽ ڏسندڙ، آسمانن ۽ زمين جا جوڙيندڙ، سڀ ڪنهن شيءِ جا پالڻهار ۽ ان جا مالڪ، آءٌ شاهدي ٿو ڏيان تہ تو کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي، آءٌ منهنجي جيءَ جي شر کان ۽ شيطان جي شر ۽ ان جي شرڪ کان تنهنجي پناھ ٿو گهران.

24. منهنجا الله آءٌ تو کان هر ڪم جي سڌي ڏيڻ ، ۽ سڌي رستي تي بلنديءَ جو سوالي آهيان، ۽ تنهنجي ٻاجھ جي قبول ٿيڻ ، ۽ تنهنجي بخشش جو سوالي آهيان ۽ تو کان تنهنجي نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ جو ، ۽ تنهنجي سهڻي عبادت ڪرڻ جو سوالي آهيان، ۽ سڌيءَ دل جو، ۽ سچيءَ زبان جو تو کان سوالي آهيان، ۽ هر خير جو تون ڄاڻين ٿو تو کان گهران ٿو. ۽ تو کان هر شر کان جو تون ڄاڻين ٿو تنهنجي پناھ ٿو گهران. تو کان تنهنجي بخشش گهران ٿو ان جي جيڪي تون ڄاڻين ٿو. بيشڪ تون ڳجھ ڄاڻندڙ آهين.

25. منهنجا الله منهنجي تنهنجي ڏنل حلال سان پورت ڪر تنهنجي حرام ڪيل کان بچاءِ. ۽ پنهنجي فضل سان مون کي توسواءِ ٻين کان بي پرواھ ڪر.

26. منهنجا الله منهنجي بدن کي سڌوصاف ڪر، منهنجا الله منهنجي ٻُڌڻ کي صحيح ڪر، منهنجا الله منهنجي اکين ۾ درستگي ڪر، تو کان سواءِ ٻيو ڪوبہ اله ڪونهي، منهنجا الله ڪفر ۽ غربت کان تنهنجي پناھ ٿو گهران، منهنجا الله تنهنجي پناھ ٿو گهران قبر جي عذاب کان، تو کان سواءِ ٻيو ڪوبہ اله ڪونهي.

27. منهنجا پالڻهار منهنجي مدد ڪر ۽ مون تي ڪنهن کي مدد نہ ڏي، ۽ مونکي ڪاميابي ڏي، مون تي ڪنهن کي ڪاميابي نہ ڏي، ۽ مون لاءِ رٿا رٿ، مون تي رٿا نہ رٿ، ۽ مون کي هدايت ڏي ۽ منهنجي لاءِ هدايت کي سولو ڪر، ۽ جيڪو مون کان بغاوت ڪري ان تي منهجي مدد ڪر ، اي پالڻهار مونکي تنهنجو شڪر گذار بناءِ، تولاءِ تنهنجو ذڪر ڪندڙ ڏاهو، تو سان محبت ڪندڙ، تنهنجو فرمابردار، تو لاءِ ديوانو توڏانهن روئندڙ ۽ توڏانهن موٽندڙ بناءِ، منهنجا پالڻهار منهنجي توبه قبول ڪر ۽ منهنجا گناھ ڌوءِ، منهنجي دعا مڃ، منهنجي حجت کي پورو ڪر، ۽ منهنجي زبان کي سچو ڪر، ۽ منهنجي دل کي هدايت ڏي، ۽ منهنجي سيني جي ڪارث (ڪارنھ) کي ڇڪي ٻاهر ڪڍ.

28. اللَّهُمَّ لَكَ الْحَمْدُ كُلُّهُ، اللَّهُمَّ لَا قَابِضَ لِمَا بَسَطْتَ، وَلَا بَاسِطَ لِمَا قَبَضْتَ، وَلَا هَادِيَ لِمَا أَضْلَلْتَ، وَلَا مُضِلَّ لِمَنْ هَدَيْتَ، وَلَا مُعْطِيَ لِمَا مَنَعْتَ، وَلَا مَانِعَ لِمَا أَعْطَيْتَ، لَا مُقَرِّبَ لِمَا بَاعَدْتَ، وَلَا مُبَاعِدَ لِمَا قَرَّبْتَ، اللَّهُمَّ ابْسُطْ عَلَيْنَا مِنْ بَرَكَاتِكَ وَرَحْمَتِكَ وَفَضْلِكَ وَرِزْقِكَ، اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ النَّعِيمَ الْمُقِيمَ الَّذِي لَا يَحُولُ وَلَا يَزُولُ، اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ النَّعِيمَ يَوْمَ الْعَيْلَةِ، وَالْأَمْنَ يَوْمَ الْخَوْفِ، اللَّهُمَّ إِنِّي عَائِذٌ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا أَعْطَيْتَنَا وَشَرِّ مَا مَنَعْتَ، اللَّهُمَّ حَبِّبْ إِلَيْنَا الْإِيمَانَ وَزَيِّنْهُ فِي قُلُوبِنَا، وَكَرِّهْ إِلَيْنَا الْكُفْرَ وَالْفُسُوقَ وَالْعِصْيَانَ، وَاجْعَلْنَا مِنَ الرَّاشِدِينَ، اللَّهُمَّ تَوَفَّنَا مُسْلِمِينَ، وَأَحْيِنَا مُسْلِمِينَ، وَأَلْحِقْنَا بِالصَّالِحِينَ غَيْرَ خَزَايَا وَلَا مَفْتُونِينَ، اللَّهُمَّ قَاتِلِ الْكَفَرَةَ الَّذِينَ يُكَذِّبُونَ رُسُلَكَ، وَيَصُدُّونَ عَنْ سَبِيلِكَ، وَاجْعَلْ عَلَيْهِمْ رِجْزَكَ وَعَذَابَكَ، اللَّهُمَّ قَاتِلِ الْكَفَرَةَ الَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ إِلَهَ الْحَقِّ.

28. منهنجا الله سڀ واکاڻ تولاءِ آهي، منهنجا الله ڪوبہ گهٽائيندڙ ڪونهي جنهن کي تون وڌائين، ۽ نڪي ڪو وڌائيندڙ آهي جنهن کي ڪي تون گهٽائين، ۽ نڪي ڪو هدايت ڏيڻ وارو جنهن کي تون ڀٽڪائين، ۽ نڪي ڪو ڀٽڪائڻ وارو جنهنکي تون هدايت ڏين، ۽ نڪي ڪو ڏيڻ وارو جنهن کي تون جهلين، نڪي ڪو جهلڻ وارو جنهنکي تون ڏين، نڪي ڪو ويجهو ڪرڻ وارو جنهن کي تون پري ڪرين، نڪي ڪو پري ڪرڻ وارو جنهن کي تون ويجهو ڪرين، منهنجا الله تنهنجي برڪت ۽ تنهنجي رحمت ۽ تنهنجي فضل ۽ تنهنجي رزق مان اسان تي واڌارو ڪر. منهنجا الله تنهنجون قائم نعمتون بنا رڪاوٽ ۽ گهٽ نہ ٿيندڙ توکان گهران ٿو. منهنجا الله غربت جي وقت نعمتون ۽ خوف جي وقت امن توکان گهران ٿو ، منهنجا الله جيڪي ڪجهہ تو اسان کي عطا ڪيو ان جي شر کان ۽ جنهن کان تو جهليو ان شر جي کان آءٌ تنهنجي پناهہ ۾ اچان ٿو. اسان جا الله اسان جي لاءِ ايمان کي پسند ڪر ۽ اسان جي دلين کي ان سان سينگار. ۽ اسان لاءِ ڪفر، گناه ۽ نافرماني ناپسنديده بناء، ۽ اسان کي سڌي رستي تي هلندڙن مان بناءِ، اسان جا الله اسان کي اسلام تي موت ڏي، ۽ اسان کي اسلام تي جيئرو رک، ۽ اسان کي خواري ۽ فتنن ۾ وجهڻ کان سواءِ صالحن سان ملاءِ. منهنجا الله جن ڪفر ڪيو ۽ جن تنهنجي رسولن کي ڪوڙو ڀانيو تن کي مار. ۽ جيڪي تنهنجي رستي کان جهلين ٿا تن تي تنهنجي خرابيءَ جو گند هڻ ۽ انهن تي تنهنجو عذاب موڪل. منهنجا الله جن کي تو سچو ڪتاب ڏنوءِ نہ مڃيائون تن تي مارَ وِجُهہ.

29. اللَّهُمَّ صَلِّ عَلَى مُحَمَّدٍ وَعَلَى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلَى إِبْرَاهِيمَ وَعَلَى آلِ إِبْرَاهِيمَ، إِنَّكَ حَمِيدٌ مَجِيدٌ، اللَّهُمَّ بَارِكْ عَلَى مُحَمَّدٍ وَعَلَى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلَى إِبْرَاهِيمَ وَعَلَى آلِ إِبْرَاهِيمَ إِنَّكَ حَمِيدٌ مَجِيدٌ.

29. منهنجا الله صلواتون موڪل سيدنا محمد ﷺ تي ۽ آل سيدنا محمد ﷺ تي جيئن تو صلواتون موڪلين ٿو سيدنا ابراهيم ﷺ ۽ آل سيدنا ابراهيم ﷺ تي، بيشڪ تون وڏي ساراهہ وارو آهين، منهنجا الله برڪتون موڪل سيدنا محمد ﷺ ۽ آل سيدنا محمد ﷺ تي جيئن تون برڪتون موڪلين ٿو سيدنا ابراهيم ﷺ ۽ آل سيدنا ابراهيم ﷺ تي، بيشڪ تون وڏيءِ واکاڻ وارو آهين.